# ارشاداتِ اِمامِ زينُ العابدين رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي





پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِکْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **امام زين العابدين جا ارشادات**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڪتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# امام زين العابدين جا ارشاد

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

امام زين العابدين جا ارشادات ........................................ 1
امام زين العابدين جا ارشاد ........................................ 1
دعاءِ عطار ! ........................................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ........................................ 1
پهريان علم حاصل ڪرڻ واري جو مقام ........................................ 1
علما انبياء جا وارث آهن ........................................ 1
وڏي مرتبي وارو ڪير ........................................ 2
دُنيا ۽ آخرت ........................................ 2
حقيقي زاهد ڪير؟ ........................................ 2
چڱائن ۽ برائن جو آئينو ........................................ 2
اُن شخص تي تعجب آهي! ........................................ 2
شرير بدن ........................................ 4
بغير علم ڪنهن جي باري ۾ ڳالهه نه ڪئي وڃي ........................................ 4
حقيقي ڀائي چارو ........................................ 4
دوستي ۽ دشمني ۾ احتياط ........................................ 4
تقدير تي راضي رهو! ........................................ 5
سختين تي صبر ڪيو! ........................................ 5
دلين ۾ محبت وجهڻ جو طريقو ........................................ 5
سخي ۽ ڪنجوس ۾ فرق ........................................ 6

مهمان نوازي اعلٰي اخلاق جي نشاني آهي ...................... 6
قيامت ۾ پُرسڪون اڪيون .............................. 6
رمضان ۾ غفلت ۾ رهڻ وارن تي تعجب! ........................ 6
عقل مند جي لاءِ اشارو ڪافي آهي ........................... 7
ڳالهائڻ جو فن ۽ خرابين کان حفاظت ......................... 7
غيبت کان بچڻ جو اجر ................................. 8
غصّي جو نقصان ...................................... 9
ڪنهن کي ڪنهن تي برتري ناهي .......................... 9
موت جو انڪار ناهي ................................... 9
سڀ کان وڏي غربت .................................... 9
امام زين العابدين جي دعا .............................. 10
عبادت جي معاملي ۾ ماڻهن جون قسمون ..................... 10
سڀ کان وڌيڪ مالدار ڪير؟ ................................ 10
اسان کي اسان جي مرتبي کان مٿانهون نہ ڪيو .................. 11
نَرميءَ جو قدر ......................................... 11
ديني نفعو ڏيڻ واري جي صحبت اختيار ڪيو .................. 11
مون کي گهٽي روئڻ تي ملامت نہ ڪيو ...................... 11
صبر جو بدلو ......................................... 12
الله پاڪ جي توبہ ڪرڻ واري سان محبت ...................... 12
”نيڪي جي دعوت“ جي اهميت ............................. 12

جنت ڪيئن گهري وڃي؟ .......................... 13
غضبِ الٰهي پري ڪرڻ وارو عمل .......................... 13
شيخين جو مرتبو امام زين العابدين جي زباني .......................... 13
اهلِ حق ڪي موت جي پرواه ناهي .......................... 13
امام زين العابدين جي منٰي ۾ دعا .......................... 14
تضمين بر نظم منسوب بہ زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْه .......................... 14

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# امام زين العابدين جا ارشاد

**دعاءِ عطار!** ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**امام زين العابدين جا ارشاد**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي دل مان دنيا جي محبت دور فرمائي ڪري ان کي صحابہ و اهلبيت جي ارشادن تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اُن کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ امام زين العابدين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه: رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پڙهڻ اهلِ سنّت جي علامت آهي. (القول البديع، ص 131، حديث: 5)

مجھے تم مسلکِ احمد رضا پر استقامت دو　　بنوں خدمت گزارِ اہلِ سنّت یارسول اللہ

(وسائلِ بخشش، ص 334)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهريان علم حاصل ڪرڻ واري جو مقام

جنهن توهان مان پهريان علم حاصل ڪري ورتو تہ اُهو اُن معاملي ۾ توهان جو رهنماء آهي چاهي اهو عمر ۾ توهان کان ننڍو ئي ڇو نہ هجي. (احياءالعلوم،197/1)

## علما انبياء جا وارث آهن

دنيا ۾ ماڻهن جا سردار سخي آهن، جڏهن تہ آخرت ۾ دين وارا ۽

علم ۽ فضل وارا هوندا چوته عالم سڳورا انبياء جا وارث آهن.
(تاريخ ابن عساکر، 41/ 385)

## وڏي مرتبي وارو ڪير

عرض ڪيو ويو: ماڻهن مان سڀ کان وڏي مرتبي وارو ڪير آهي؟ فرمايائون: جنهن جي نزديڪ دنيا جي ڪابه حيثيت نه هجي.
(التذكرة الحمدونيه،112/1،رقم:222)

## دُنيا ۽ آخرت

دنيا ننڊ (يعني غفلت جي جڳهه) آهي جڏهن ته آخرت بيداري (جو مقام) آهي ۽ اسان اُن جي وچ ۾ پريشان خواب جيان آهيون.
(ربيع الابرار،37/1،رقم:47)

## حقيقي زاهد ڪير؟

حضرت علي بن حسين (يعني امام زين العابدين) رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه کان زاهد (يعني دنيا کان بي رغبت شخص) جي صفت جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون: جيڪو زادِ راه کان بغير (منزل تائين) پڄي، پنهنجي موت جي تياري رکي، ۽ (آخرت جي شوق ۾) پنهنجي زندگي کان تڪجي وڃي. (المنتخب من كتاب الزهد والرقائق ، ص 83 ، رقم:44)

## چڱائن ۽ برائن جو آئينو

غور و فکر هڪ اهڙو آئينو آهي جيڪو مومن کي ان جون چڱايون ۽ برايون ڏسيندو آهي. (تاريخ ابن عساکر، 408/41)

## اُن شخص تي تعجب آهي!

مون کي ان وڏائي ڪندڙ متڪبر شخص تي تعجب آهي جيڪو ڪلهه تائين صرف (ناپاڪ) پاڻيءَ جو قطرو هيو ۽ ڪجهه عرصي کان

پوءِ (قبر ۾) سڙيل لاش بڻجي ويندو، ۽ مون کي اهڙي شخص تي بہ وڏو تعجب آهي، جيڪو الله پاڪ جي (وجود جي) باري ۾ شڪ ڪري ٿو حالانڪ اهو پيدا ڪئي وڃڻ کي ڏسي رهيو آهي (جيڪو پيدا ڪرڻ واري جي وجود جو روشن دليل آهي). ۽ مون کي اهڙي شخص تي حيراني آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن ٻيهر زنده ڪيو وڃڻ جو انڪار ڪري ٿو حالانڪ اهو پهرين پيري پيدا ڪئي وڃڻ کي ڏسي رهيو آهي (چوتہ جيڪو رب پهريون پيرو پيدا ڪري سگهي ٿو، اهو ٻيهر بہ زنده ڪري سگهي ٿو) ۽ مون کي اهڙي شخص تي بہ تعجب آهي جيڪو فنا ٿيڻ واري دنيا جي لاءِ ڪم ڪندو آهي پر هميشہ رهڻ واري گهر (آخرت) کي ڇڏي رکندو آهي. (۽ صاحب روح البيان شيخ اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هي اضافو ڪيو آهي:)

عقلمند تي لازم آهي تہ هُو هنن ڪمن مان عبرت حاصل ڪري، ان ڪان پهرين جو موت ان جي مٿي تي اچي وڃي، اُن کي گهرجي تہ الله پاڪ کي ياد رکندي حق جي رستي ۾ صبح ۽ شام ڪوشش ڪري ۽ موت ڪان پهرين اُن جي تياري ڪري رکي چوتہ وقت هوا جي تيزي جيان گذري رهيو آهي، اهي ماڻهو ڪٿي آهن! جيڪي نبين ۽ رسولن جو انڪار ڪندا ۽ انهن کي ننِدِيندا رهيا؟ خدا جو قسم! اهي مري چڪا ۽ عنقريب هي سڄي ڪائنات ختم ٿيڻ واري آهي، بس هن ڪائنات ۾ ملائڪن، جنن ۽ انسانن مان ڪير بہ باقي نہ بچندو، اعمالناما ويڙهيا ويندا ۽ قيامت قائم ٿيندي، ان ۾ هر ننڍو وڏو عمل ظاهر ٿي پوندو، هاءِ افسوس! بدبختن جي رسوائي ۽ آفرين! ۽ نيڪ ماڻهن جي سعادت مندي. اي اسان جا ربّ! اسان توکان موت جي ياد، نيڪين تي استقامت ۽ ظاهري ۽ باطني طور

تي سڌي رستي تي هلندي رهڻ جو سوال ڪيون ٿا، اي قوي (يعني طاقت وارا) اي معين (يعني مدد فرمائڻ وارا)! اسان ڪمزورن جي مدد فرماءِ آمين. (تفسير روح البيان،پ 8، الاعراف،تحت الآية:8، 136/3)

## شرير بدن

بيشڪ جڏهن بدن بيمار نہ هجي، تہ شرير (شِر وارو) ٿي ويندو آهي ۽ شرير بدن مان خير جي اميد ناهي رهندي. (سير اعلام النبلاء،338/5)

## بغير علم ڪنهن جي باري ۾ ڳالهہ نہ ڪئي وڃي

ڪو شخص ڪنهن ٻئي جي باري ۾ ڀلائي جي ڳالهہ نہ چوي، جيڪا اُن کي پاڻ خبر نہ هجي، چو تہ پوءِ قريب آهي تہ هو ان جي باري ۾ برائي جي ڪا اهڙي ڳالهہ بہ چئي ڇڏيندو، جيڪا ان کي معلوم ئي نہ هجي، ۽ جڏهن توهان مان بہ ماڻهو الله پاڪ جي نافرماني تي دوستي اختيار ڪندا آهن تہ اهي ٻئي الله پاڪ جي نافرماني تي ئي جُدا ٿيندا آهن. (تہذيب الکمال،398/20)

## حقيقي ڀائي چارو

پاڻ هڪ شخص کان پڇيائون: ڇا تون پنهنجي (ديني) ڀاءُ جي کيسي مان هٿ وجهي ان جي اجازت کان بغير بہ پنهنجي مرضي سان ڪا شيءِ ڪڍي سگهين ٿو؟ ان جواب ڏنو نہ پوءِ پاڻ فرمايائون: (جيڪڏهن ايئن آهي) تہ توهان ٻنهي ۾ (اڃان تائين حقيقي) ڀائيچارو ناهي. (قوت القلوب، 374/2 )

## دوستي ۽ دشمني ۾ احتياط

ڪنهن بہ شخص سان هرگز دشمني نہ رکو ڀلي ڪٽي توهان جو خيال

هجي تہ هو توهان کي نقصان نہ پهچائيندو ۽ کنهن جي تحفي کي هرگز ادنيٰ نہ ڄاڻو پلي ڪٿي توهان جي خيال ۾ اهو توهان کي ڪو نفعو نہ ڏيندو ڇوتہ توهان نٽا ڄاڻيو تہ ڪڏهن توهان کي پنهنجي دوست جي ضرورت پئجي وڃي ۽ توهان نٽا ڄاڻيو تہ ڪڏهن پنهنجي دشمن کان ڊڄڻو پئي ۽ جڏهن ڪير توهان وٽ عذر (معافي گهرڻ جو ڪو سبب) ڪٿي اچي تہ توهان ان جو عذر قبول ڪيو توڙي جو توهان کي خبر آهي تہ اهو شخص ڪوڙو آهي.
(التذكرة الحمدونية،357/4،رقم:901)

تقسيمِ الٰهي تي رضامندي ئي حقيقت ۾ ”غِنٰي“ آهي جيڪو پنهنجي لاءِ الله پاڪ جي تقسيم تي راضي رهيو تہ اهو ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ غني آهي. (حلية الاولياء، 159/3،رقم: 3543)

## تقديرتي راضي رهو!

تقدير جي ناپسنديده معاملن(يعني سختين) تي راضي رهڻ، يقين جي اعلٰي درجات مان آهي. (عيون الاخبار ، 403/2)

## سختين تي صبرڪيو!

اي منهنجا پٽ! سختين تي صبر ڪيو ڪنهن جا حق ضايع نہ ڪيو ۽ پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي ڪم ۾ نہ وجهو جنهن جو نقصان توهان جي لاءِ اُن جي (عارضي) نفعي کان وڌيڪ هجي.
(تاريخ ابن عساكر ، 408/41)

## دلين ۾ محبت وجهڻ جو طريقو

بيشڪ ان توهان کي پنهنجي محبت جو قيدي بڻائي ڇڏيو جنهن توهان جو احسان مڃڻ ۾ اڳرائي ڪئي. (تاريخ ابن عساكر ، 409/41)

## سخي ڪير آهي؟

سخي اهو ناهي جيڪو گهرڻ وارن کي ڏيندو آهي بلڪ سخي اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي فرمانبردارن جي حقن جي ادائيگي ۾ اڳرائي ڪندو آهي ۽ پنهنجي تعريف جو خواهشمند ناهي هوندو پر شرط اها آهي ته اهو بارگاهِ الٰهي مان ڪامل ثواب جو يقين رکي.(احياء العلوم، 304/3)

## سخي ۽ ڪنجوس ۾ فرق

سخي (الله پاڪ جي) فضل تي خوش ٿيندو آهي، جڏهن ته ڪنجوس پنهنجي مال تي فخر ڪندو آهي. (التذکرۃ لحمدونيه،262/2،رقم 682)

## مهمان نوازي اعلٰي اخلاق جي نشاني آهي

اعلٰي اخلاق جي نشاني هيءَ آهي ته ماڻهو مهمان جي (پاڻ) مهمان نوازي ڪري جيئن حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ ۽ پنهنجي گهر وارن سان گڏ مهمان جي مهمان نوازي فرمائي.

(المستطرف، ص 194، ربيع الابرار،227/3)

## قيامت ۾ پُرسڪون اڪيون

قيامت جي ڏينهن ٽن اکين کان علاوه هر اک جاڳندي (يعني پريشان هوندي (1) اها اک جيڪا الله پاڪ جي ياد ۾ جاڳندي رهي ۽ (2) اها اک جيڪا الله جي حرام ڪيل ڪمن کان بچندي رهي ۽ (3) اها اک جيڪا الله پاڪ جي خوف کان (روئندي) رهي.(التذکرۃ الحمدونية،116/1،رقم:236)

## رمضان ۾ غفلت ۾ رهڻ وارن تي تعجب!

امام زين العابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عيد جي ڏينهن ماڻهن کي ڏٺو ته اهي

ڪلي رهيا آهن ته پاڻ فرمايائون: بيشڪ الله پاڪ رمضان جي مهيني کي پنهنجي مخلوق جي لاءِ ميدان (عمل) بڻايو آهي، ته جيئن ماڻهو اُن جي پسنديده ڪمن جي ادائيگي ۾ گوءِ کٽي وڃن، جيتوڻيڪ هڪ قوم ان معاملي ۾ اڳرائي ڪئي ته اهي ڪامياب ٿي ويا، ۽ هڪ قوم پوئتي رهجي وئي ته اها نقصان ۾ رهي، ته هن ڏينهن غفلت ۾ رهندي کلڻ وارن تي تعجب آهي ته جنهن ۾ نيڪ ماڻهو ڪامياب ٿيندا آهن ۽ بُرن ڪمن وارا نقصان ۾ رهندا آهن، خدا جو قسم! جيڪڏهن پردا هٽايا وڃن ته نوَن ڪپڙن پائڻ ۽ وار سنوارڻ جي بدران نيڪ ماڻهو پاڻ تي ٿيڻ واري احسان جي شڪر ۾ ۽ برا ماڻهو پنهنجي گناهن تي ندامت ۾ مشغول ٿي وڃن.

(التذڪرة الحمدونيه،117/1، رقم:240)

## عقل مند جي لاءِ اشارو ڪافي آهي

هوشياري جو ملڻ حفاظت جو اشارو هوندو آهي، عقل مند جي لاءِ اشارو ڪافي آهي، جڏهن ته جاهل جي لاءِ تفصيلي ڪلام به بيڪار هوندو آهي ۽ توڙي جو ڪيتري ئي فائديمند ڳالهه چونه هجي بُري طريقي سان ٻڌڻ جي صورت ۾ اُن مان نفعو حاصل نٿو ڪري سگهجي. (التذڪرةالحمدونيه،273/1،رقم:705)

## ڳالهائڻ جو فن ۽ خرابين کان حفاظت

جيڪڏهن ماڻهو مختلف حالات ۾ سوالن جي ترجيح ۽ بيانن جي دُرستي جي ڪيفيت چاڻي وٺن ته هُو پنهنجي دل ۾ ڪٽڪندڙ ڳالهين جي تَههِ تائين پهچي سگهن ٿا، پڻ ان سان انهن کي اهڙو

يقين نصيب ٿيندو جيڪو انهن ڪي سواءِ پنهنجي عملن (جي نتيجي) جي (ماڻهن جي طرفان پيدا ڪيل) هر ڪيفيت ۾ خرابي ڪان محفوظ رکندو، پر اهڙن ڪمن تائين پهچ ٿوري عرصي ۾ ۽ ذري برابر غور و فڪر سان حاصل ناهي ٿيندي بلڪ انهيءَ جي لاءِ انهن کي نهايت گهرائي سان اهڙن ماڻهن جي سڃاڻ ڪرڻي پوندي جيڪي جهالت، خودپسندي ۽ خواهشات ۾ گرفتار آهن ۽ علم ڪان غافل ٿي ڪري بُرائن ۾ مشغول آهن. (البيان والتبيين، 84/1)

## غيبت ڪان بچڻ جو اجر

(ڪنهن کي غيبت ڪندي ٻڌو ته فرمايائون:) غيبت ڪان بچو ڇو ته هي جهنّم جي ڪتن جو کاڌو آهي، ۽ جيڪو شخص ماڻهن جي عزت اڇلائڻ ڪان پرهيز ڪري ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي گناهن ڪان درگذر فرمائيندو.

(ربيع الابرار،320/2،رقم:55۔المختار من مناقب الاخيار،42/4)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مظلومِ ڪربلا حضرت امام زين العابدين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه غيبت ڪرڻ وارن کي انسان نُما ڪتن سان تشبيه ڏني آهي جو قرآن مجيد ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ غيبت کي مردار جو گوشت کائڻ جي مثل ٻڌايو ويو آهي ۽ مردار جو گوشت چٻاڙڻ ۽ کائڻ ڪتن جو ڪم آهي لهذا غيبت ڪرڻ وارا ڄڻ ته ڪتن جي مثل ٿي ڪري ماڻهن جي قِسم مان خارج ٿيا ڇو ته جيڪڏهن ماڻهو هجن ها ته انهن ۾ ماڻهوءَ جي صفت هجي ها ۽ انسان جي صفت ان ۾ پاتي

وڃي ها، ڪنهن جي غيبت نہ ڪن ها، ڪنهن جو گوشت ڪتن وانگر نہ چباڙن ها. (غيبت کی تباہ کاریاں،صفحہ:324)

نبی کا صدقہ سدا غیبتوں سے دور رکھنا | کبھی بھی چُغلی کروں میں نہ یا رب!
ترے حبیب اگر مسکراتے آ جائیں | تو گورِ تیرہ میں ہو جائے چاند نا یارب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غصّي جو نقصان

غصي جي حالت ۾ ماڻهو غضبِ الٰهي جي گهڻو ويجهو ٿي ويندو آهي. (المستطرف،ص203)

## ڪنهن کي ڪنهن تي برتري ناهي

ڪوبہ شخص ڪنهن ٻئي شخص تي برتري نہ جتائي ڇوتہ توهان سڀ غلام (يعني ٻانها) آهيو ۽ توهان جو آقا (يعني پالڻ وارو) هڪ ئي آهي. (التذكرةالحمدونيه،390/3،رقم:1051)

## موت جو انڪار ناهي

امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهزادي جو انتقال شريف ٿيو تہ پاڻ وڏي آواز سان نہ رُنا ۽ نہ نوحو ڪيائون ۽ فرمايائون: هي (موت) اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن جي اسان اميد رکندا هئاسين، بس جڏهن اهو واقع ٿي ويو تہ اسان اُن تي انڪار ناهيون ڪندا

(التذكرة الحمدونيه،195/4، رقم:475، المختار من مناقب الاخيار،4/ 39)

## سڀ کان وڏي غربت

سڀ کان وڏي غربت پنهنجي پيارن کي وڃائي ويهڻ آهي.

(حلية الاولياء،158/3،رقم:3540)

## امام زين العابدين جي دعا

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي دعا گهرندا هيا: ”اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُ بِکَ اَنْ تُحَسِّنَ فِیْ لَوَائِعِ الْعُیُوْنِ عَلَانِیَتِیْ وَتُقَبِّحَ فِیْ خَفِیَّاتِ الْعُیُوْنِ سَرِیْرَتِیْ اَللّٰهُمَّ کَمَا اَسَأْتُ وَاَحْسَنْتَ اِلَیَّ فَاِذَا عُدْتُّ فَعُدْ عَلَیَّ يعني اي الله پاڪ! مان هن ڳالھ کان تنهنجي پناھ گھران ٿو تہ منهنجا ظاهري ڪم تہ سٺا هجن پر لڪيل ڪم برا هجن. اي الله پاڪ! منهنجي برن عملن جي باوجود جهڙي طرح تُو مون سان ڀلائي جو معاملو فرمايو اهڙي طرح جيڪڏهن ٻيهر مون کان ڪوتاهي ٿئي تہ تون مون سان عفو درگذر جو معاملو ئي فرماءِ.“ (حلية الاولياء،3/158،رقم:3540)

## عبادت جي معاملي ۾ ماڻهن جون قسمون

(عبادت ۾ ماڻهن جون ٽي قسمون آهن) (1) ڪجھ ماڻهو الله پاڪ جي عبادت خوف جي ڪري ڪندا آهن، هيءَ غلامن جهڙي عبادت آهي. (2) ڪجھ ماڻهو جنت حاصل ڪرڻ لاءِ عبادت ڪندا آهن، هيءَ تاجرن جهڙي عبادت آهي. (3) ۽ ڪجھ ماڻهو بطور شڪر جي عبادت ڪندا آهن، هيءَ آزاد ماڻهن جي عبادت آهي.(حلية الاولياء،3/158،رقم:3540) هي شايد موليٰ علي جو بہ قول آهي

## سڀ کان وڌيڪ مالدار ڪير؟

سڀ کان وڌيڪ مالدار اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي ڏنل رزق تي قناعت ڪري. (حلية الاولياء،3/159،رقم:3543)

## اسان کي اسان جي مرتبي کان مٿانهون نہ کيو

اسان سان اسلام جي لاءِ محبت رکو، ۽ اسان کي اسان جي مرتبي کان مٿانهون نہ کيو. (حلية الاولياء،161/3،رقم:355)

## نَرميءَ جو قدر

مون کي نرمي سان جيترو حصو مليو آهي ان جي بدلي جيکڏهن ڳاڙها اُٺَ ملن تہ بہ پسند ناهن. (حلية الاولياء،161/3،رقم:3553)

## ديني نفعو ڏيڻ واري جي صحبت اختيار ڪيو

❀ حضرت محمد بن عبدالرحمٰن بن مديني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ حضرت علي بن حسين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهما پنهنجي قوم جي حلقن کي ڇڏي ڪري حضرت زيد بن اسلم رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جي حلقي ۾ وڃي ويهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ”ماڻهو انهي وٽ وڃي ويهي ٿو جيڪو ديني اعتبار سان ان کي فائدو پهچائي.“ (حلية الاولياء،162/3،رقم:3556)

## مون کي گهٽي روئڻ تي ملامت نہ ڪيو

❀ اي انسانو! مون کي (گهٽي روئڻ تي) ملامت نہ ڪيو ڇوتہ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي هڪ پٽ (يعني حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام) کي وڃايو تہ ايتري قدر رُنا جو سندن جون اکيون سفيد ٿي ويون (يعني ديد گهٽ ٿي وئي) حالانڪ پاڻ کي (پنهنجي طور تي) علم نہ هيو تہ پٽ جو انتقال ٿي چڪو آهي (يا زنده آهن). جڏهن تہ مون پنهنجي گهر جي 14 فردن کي پنهنجي اکين جي سامهون هڪ ئي جڳهہ (ميدان ڪربلا) ۾ شهيد ٿيندي ڏٺو آهي. توهان جو ڇا خيال آهي انهن جو غم منهنجي دل مان نڪري ويندو؟ (حلية الاولياء 162/3، رقم: 3557)

## صبر جو بدلو

❀ قيامت جي ڏينهن هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو ”صبر ڪرڻ وارا ڪاٿي آهن؟“ ڪجھ ماڻھو اٿي بيهندا انهن کان پڇيو ويندو: ”توهان ڪهڙي شيءِ تي صبر ڪيو؟“ اهي چوندا: ”اسان الله پاڪ جي اطاعت تہ مضبوط رهياسين ۽ ان جي نافرماني کان باز رهياسين.“ انهن کي چيو ويندو: ”جنت ۾ داخل ٿي وڃو، توهان سچ چيو.“ (حليةالاولياء،3/162،رقم:3559)

## الله پاڪ جي توبہ ڪرڻ واري سان محبت

❀حضرت ابوجعفر امام محمد باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ منهنجي والِد ماجد حضرت علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهما بہ ٻيرا پنهنجو سڄو مال الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪيو ۽ فرمايو: ”بيشڪ الله پاڪ توبہ ڪرڻ واري گنهگار مومن سان محبت فرمائيندو آهي.“
(حلية الاولياء،3/164،رقم:3562)

## ”نيڪي جي دعوت“ جي اهميت

”اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري ۽ برائي کان منع ڪرڻ واري ڪم کي ڇڏڻ وارو ايئن آهي جيئن ڪتابُ الله کان بيپرواهي ڪرڻ وارو پر جڏهن اهو بچاء جو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ ايئن ڪري.“ پڇيو ويو: بچاء جو رستو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: ”هو جابر ۽ ظالم بادشاه جي ظلم ۽ زيادتي کان ڊڄي.“ (حليةالاولياء،3/164،رقم:3564)

## جنت ڪيئن گھري وڃي؟

”توهان مان ڪير ايئن نہ چئي تہ اي الله پاڪ! مون تي جنت صدقو فرماءِ ڇو تہ صدقو تہ گناهہ ڪارن جي طرفان هوندو آهي بلڪ هيئن چئو: اي الله پاڪ! مون کي جنت عطا فرماءِ يا مون کي جنت عطا فرمائي ڪري احسان مند بڻاءِ.“ (حلية الاولياء،165/3،رقم:3566)

## غضبِ الٰهي پري ڪرڻ وارو عمل

مون تائين اها ڳالهہ پهتي آهي تہ لڪائي ڪري صدقو ڪرڻ الله پاڪ جي غضب کي پري ڪري ڇڏي ٿو. (مسالک السالکين، 212/1)

## شيخين جو مرتبو امام زين العابدين جي زباني

هڪ شخص امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: ”مَاكَانَ مَنْزِلَةُ اَبِیْ بَكْرٍ وَعُمَرَ مِنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ“ يعني حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه ۽ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ ڇا مقام ۽ مرتبو هو؟ فرمايائون: كَمَنْزِلِهِمَا الْيَوْمَ هُمَا ضَجِيْعَاهُ يعني رسالت واري زماني ۾ جيڪو انهن جو مقام ۽ مرتبو هيو اهو ئي اڄ بہ آهي جو ٻئي حضرات اُن وقت بہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دوست هيا ۽ هاڻي مزار ۾ بہ اُن جا دوست آهن. (مناقب امير المومنين عمر بن الخطاب، ص 34)

## اهلِ حق کي موت جي پرواهہ ناهي

(پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دوران سفر پنهنجي بابا جان امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْه کي عرض ڪيو:) بابا جان! جڏهن اسان حق تي آهيون تہ اسان کي موت جي ڪا پرواهہ ناهي. (تاريخ الطبرى، 216/9 ماخوذاً)

## امام زين العابدين جي منٺي ۾ دعا

هڪ پيري پاڻ رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه منٺي ۾ هيءَ دعا گھريائون: كَمْ مِنْ نِّعْمَةٍ اَنْعَمْتَهَاعَلَيَّ قَلَّ لَكَ عِنْدَهَا شُكْرِىْ،وَكَمْ مِّنْ بَلِيَّةٍاِبْتَلَيْتَنِىْ بِهَا قَلَّ لَكَ عِنْدَهَا صَبْرِىْ ، فَيَا مَنْ قَلَّ شُكْرِىْ عِنْدَ نِعْمَتِه فَلَمْ يَحْرِمْنِىْ ، وَيَا مَنْ قَلَّ صَبْرِىْ عِنْدَ بَلَائِه فَلَمْ يَخْذُلْنِىْ ، وَيَا مَنْ رَآنِىْ عَلَى الذُّنُوْبِ الْعِظَامِ فَلَمْ يَفْضَحْنِىْ وَلَمْ يَهْتِكْ سِتْرِىْ ، وَيَا ذَا الْمَعْرُوْفِ الَّذِىْ لَا يَنْقَضِىْ ، وَيَا ذَا النِّعَمِ الَّتِىْ لَا تَحُوْلُ وَلَا تَزُوْلُ ، صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ ، وَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا۔

ترجمو: اي الله پاڪ! تنهنجي نعمتن جي مقابلي ۾ منهنجو شڪر گھٽ آهي، آزمائشن تي منهنجو صبر گھٽ آهي، اي اها ذات جنهن پنهنجي نعمتن جي مقابلي ۾ منهنجو شڪر گھٽ هجڻ جي باوجود مون کي انهن نعمتن کان محروم نہ ڪيو، آزمائشن تي گھٽ صبر ڪرڻ جي باوجود مون کي رسوا نہ ڪيو. منهنجي وڏن وڏن گناهن جي باوجود مون کي رسوا نہ ڪيو. منهنجا عيب نہ کوليا . اي هميشہ احسان فرمائڻ وارا! اي پائيدار نعمتون عطا ڪرڻ وارا! حضرت محمد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي آل تي رحمتون نازل فرماءِ ۽ اسان تي رحم فرماءِ ۽ اسان کي بخشي ڇڏ. (شعب الايمان،140/4،حديث:4588)

## تضمين بر نظم منسوب بہ زين العابدين رَضِیَ اللہُ عَنۡه

(هن ڪلام ۾ عربي اشعار امام زين العابدين رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه ڏانهن منسوب آهن جن تي حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه اردو زبان ۾ انهيءَ مفهوم جا وڏيڪ شِعرَ ملائي ڪري تضمين ڪئي آهي.)

ایسا کوئی محرم نہیں پہنچائے جو پیغامِ غم
ہو جب کبھی تیرا گزر بادِ صبا سوئے حرم
اِنْ نِلْتِ یَا رِیْحَ الصَّبَا یَوْمًا اِلٰی اَرْضِ الْحَرَمِ

تو ہی کرم کر دے تجھے شاہِ مدینہ کی قسم
پہنچا مری تسلیم اس جا ہیں جہاں خیر الامم
بَلِّغْ سَلَامِیْ رَوْضَۃً فِیْهَا النَّبِیُّ الْمُحْتَشَمِ

میں دُوں تجھے ان کا پتہ گر نہ تو پہچانے صبا
رخسار سورج کی طرح ہے چہرہ ان کا چاند سا
مَنْ وَّجْهُهٗ شَمْسُ الضُّحٰی مَنْ خَدُّهٗ بَدْرُ الدُّجٰی

حق نے انہی کے واسطے پیدا کیے اَرض و سما
ہے ذات عالَم کی پَنہ اور ہاتھ دریا جود کا
مَنْ ذَاتُهٗ نُوْرُ الْهُدٰی مَنْ کَفُّهٗ بَحْرُ الْهِمَمِ

حق نے انہیں رحمت کہا اور شافعِ عصیاں کیا
وہ مَہبطِ قرآں ہیں ناسخ ہے جو اَدیان کا
قُرْاٰنُهٗ بُرْهَانُنَا نَسْخًا لِّاَدْیَانٍ مَّضَتْ

رتبہ میں وہ سب سے سوا ہیں ختم ان سے انبیا
پہنچا جو یہ حکمِ خدا سارے صحیفے تھے فنا
اِذْ جَائَنَا اَحْکَامُهٗ کُلُّ الصُّحُفِ صَارَ الْعَدَمِ

یوں تو خلیلِ کبریا اور اَنبیائے باصفا
لیکن ہیں ان سب سے سوا دُرِّ یتیمِ آمنہ
یَا مُصْطَفٰی یَا مُجْتَبٰی اِرْحَمْ عَلٰی عِصْیَانِنَا

مخلوق کے ہیں پیشوا سب کو بڑا رُتبہ ملا
وہ ہی جنہیں کہتے ہیں سب مشکل کشا حاجت رَوا
مَجْبُوْرَۃٌ اَعْمَالُنَا طَمْعًا وَّ ذَنْبًا وَّ الظُّلَمِ

اے ماہِ خوبانِ جہاں اے اِفتخارِ مرسلیں
فرقت کے یہ رَنج و عذاب ہو گئے حد سے سوا
وہ لوگ خوش تقدیر ہیں اور بخت ہے ان کا رَسا
سب اَولین و آخریں تارے ہیں تم مہر مبیں
اَکْبَادُنَا مَجْرُوْحَۃٌ مِّنْ سَیْفِ هِجْرِ الْمُصْطَفٰی

گو جلوہ گر آخر ہوئے لیکن ہو فخر الاولیں
اس ہجر کی تلوار نے قلب و جگر زخمی کیا
رہتے ہیں جو اس شہر میں جس میں کہ تم ہو خسروا
یہ جگمگائے رات بھر چمکے جو تم کوئی نہیں
طُوْبٰی لِاَهْلِ بَلْدَۃٍ فِیْهَا النَّبِیُّ الْمُحْتَشَمِ

اے دو جہاں پر رحمِ حق تم ہو شفیع المجرمیں ۔۔۔ ہے آپ ہی کا آسرا جب بولیں نفسی مرسلیں
اس بیکسی کے وقت میں جب کوئی بھی اپنا نہیں ۔۔۔ ہم بیکسوں پر ہو نظر اے رحمۃ للعالمین
یَا رَحْمَۃً لِّلْعَالَمِیْنَ اَنْتَ شَفِیْعُ الْمُذْنِبِیْں ۔۔۔ اَکْرِمْ لَنَا یَوْمَ الْحَزِیْنِ فَضْلًا وَّ جُوْدًا وَّ الْکَرَم

اس سالکِ بدکار کا گو حشر میں کوئی نہیں ۔۔۔ اس کے معیں ہیں لیکن اُسے کیا خوف ہو جب آپ
مجرم ہوں میں غفار رب اور تم شَفِیْعُ الْمُذْنِبِیْں ۔۔۔ پھر کیوں کہوں بیکس ہوں میں یَا رَحْمَۃً لِّلْعَالَمِیْں
یَا رَحْمَۃً لِّلْعَالَمِیْنَ اَدْرِکْ لِزَیْنِ الْعَابِدِیْن ۔۔۔ مَحْبُوْسِ اَیْدِی الظَّالِمِیْنَ فِیْ مَرْکَبٍ وَّ الْمُزْدَحِم

